# بزم - طالب المؤلي

انجو مقو، ڪم جو طريقو
۽ انهن جي وضاحت

مرتب

"فقير سرشار"

Gul Hayat Institute

# بزم طالب المولیٰ

هن بزم جو حيدرآباد ۾ بنياد ١٣. نومبر ١٩٥٥ تي رکيو ويو ۽ انجي حيثيت انوقت فقط هڪ مڪاني بزم جي هئي. انکان اڳ ٧. اڪٽوبر ١٩٥٣ تي مخدوم پير علي محمد اظهر ڳوٺ پير رکيل ويلائي تعلقه دادو ۾ هن نالي سان هڪ بزم قائم ڪئي هئي مگر انهيءَ صرف موزون شاعري جا مشاعرا ٿيندا هوا. نومبر ١٩٥٥ ۾ حيدرآباد ۾ قائم ڪيل مڪاني بزم لاءِ اگرچ دائرو ڪجهه قدر وسيع ڪري ادب جي ڪجهه وڌيڪ صيغن تي انکي حاوي ڪيو ويو پر انجو به فقط هڪ ميڙ ٦. جنوري ١٩٥٦ تي ٿيو ۽ انهيءَ صرف غير طرحي مشاعره تي سگهيو. انهي تجربه ثابت ڪيو ته وسيع پيماني تي جيڪو ادبي ڪم ڪرڻو آهي سو هڪ قسم جي آل سنڌ تحريڪ ڪانسواءِ نه

تي سگهندو. اهڙي قسم جي تحريڪ کي هن ڳالهه ۾ تقويت ڏني جو ڪيترن پاسن کان اها تمنا ظاهر ڪئي ويئي ته حيدرآباد کي انهي قسم جي هڪ تحريڪ جو مرڪز بنائي ٻين شهرن کي شاخن قائم ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي. اهڙي رت ۾ ٻهرياءِ خود پير علي محمد صاحب اظهر وڏان پهتي ته ٻاڻ ١٩٥٣ واري بزم کي شاخ طور جيارڻ لاءِ تيار آهن بشرطيڪ کين اهڙي اجازت ڏني وڃي. ٻي اهڙي قسم جي اجازت فقير محمد عيسىٰ صاحب ميرپور بٺوره جي ادبي ڪانفرنس وقت طلب ڪئي جا ڪانفرنس ٢٩- جنوري ١٩٥٦ تي ڏي.

انهن ڳالهين جي مدنظر تي حيدرآباد جي اصلي مڪاني بزم جنهنجو دائرو تنگ هو انکي بند ڪرڻو پيو ۽ حيدرآباد ۾ صرف هڪ "مرڪزي دفتر" رکي شاخن قائم ڪرڻ جي اجازت حضرت سرپرست سائين ڏني ۽ مرڪزي دفتر کي حڪم ڏيو ته شاخن سان لکپڙه ڪري انهن جي راين معلوم ڪرڻ بعد تحريڪ کي هڪ آل سنڌ شڪل ڏني وڃي. ساڳئي مقصد جي پيش نظر جون ١٩٥٦ ۾ حضرت سرپرست سائين جي حڪم موجب هڪ اعلان اخبارن ۾ شايع ڪيو

Gul Hayat Institute

ويو ته انوقت تاءِ قائم ٿيل شاخن جو هڪ ميڙ هالن ۾ آڪٽونمبر ١٩٥٦ ۾ سڏائجي ۽ آن ۾ مرڪز ۽ شاخن جو نظام قائم ڪجي ۽ ان موقعه تي هڪ ڪافي ڪانفرنس به ڪئي وڃي. مگر آگسٽ ١٩٥٦ جي هولناڪ ٻوڏن انهي تجويز کي مهمل ڪرڻ تي مجبور ڪيو ۽ وري نويمبر ١٩٥٦ ۾ حضرت سرپرست سائين جي علالت مجبور ڪيو ته مجوزه ميڙ ڊسمبر ١٩٥٦ ۾ ڪرڻ به مهمل ڪيو وڃي. ان وچ ۾ محترم فقير محمد عيسيٰ "مست" ان ڳالهه تي آماده ٿيو ته مجوزه گڏيل ميڙ سندس ئي بشوره ڪانفرنس جي موقعه تي گهرائجي ۽ ڪافي ڪانفرنس به انهي موقعه تي ئي ڪجي.

٤- جولاءِ ١٩٥٦ تي حضرت سرپرست سائين جي ارشاد موجب مرڪزي دفتر مان هڪ سرڪيولر خط ان وقت تاءِ قائم ٿيل شاخن ڏانهن موڪليو ويو هو جنهن ۾ تحريڪ جي آئينده نظام بابت ڪجهه مشوره طلب ڪيا ويا هوا مگر انهن رڳن تي به فقط هڪ ٻن شاخن توجه ڏنو. انهي ڪري چند بنيادي ڳالهين جو يڪبارگي فيصلو ڪرڻو پيو جن جي آڌار تي مرڪز ۽ شاخن جو مجوزه ڪم هلي سگهي.

آخر حضرت سر پرست سائين جي رهبري هيٺ مرڪزي دفتر اهو مرحلو طئي ڪيو جنهنجي نتيجه طور تحريڪ جا داخلا فارم حضرت سر پرست سائين جي ذاتي خرچ سان ڇپائي ڊسمبر ١٩٥٦ جي اوائل ۾ اڳوات قائم ٿيل شاخن ڏانهن نموني طور روانا ڪيا ويا ته معلوم ڪيو وڃي ته ڪهڙيون شاخون انهن بنيادي ڳالهين سان متفق ٿين ٿيون. خوشي جو باعث آهي جو اڪثر شاخن جن جواب موڪليو تن انهن بنيادي ڳالهين تي لبيڪ چئي داخلا فارم طلب ڪيا. ڇپايل داخلا فارم جو جنسي نمونو هن هيٺ نقل ڪجي ٿو:-

"ط"

يعني

تحريڪ "بزم طالب المولىٰ" سنڌ

مرڪزي دفتر:- بنگلو - سول لائينز

حيدرآباد سنڌ

مقصد:- هيءَ سنڌي ادب جي سنڀال ۽ واڌاري لاءِ هڪ "فقيرانه" تحريڪ آهي.

**ڪم جو طريقو:-** هر فقيرانه تحريڪ جو واسطو سڌي طرح عوام سان ٿيندو آهي، ۽ انلاءِ جيڪي ڳالهيون لازمي آهن، سي هن تحريڪ سان لاڳو سمجهيون وينديون جيئن ته:-

(١) لکڻ ۾ خواه مخاطب ڪرڻ ۾ اهڙي سليس سنڌي ٻولي ڪتب آڻجي، جا عوام استعمال ڪندڙ هجي ۽ انجي سمجهه ۾ اچڻ جهڙي هجي.

(٢) پاڻ ۾ ويهي مجلس ڪرڻ جو طريقو اهڙو هجي جو عوام جي مذاق پٽاندر نهايت سادو هجي ۽ جو نه عوام جي ڪيسي تي بار هجي ۽ نه عوام جي طبع تي بار ٿئي.

(٣) مجلسن ۾ اهڙين ڳالهين جي ورونهه ڪرڻ گهرجي، جي عوام جي ذوق تي بار به نه ٿين، ۽ سنڌي ادب ڏانهن عوام جي چاهه وڌائڻ لاءِ ڪارگر هجن. اعليٰ ادبي ذوق پيدا ڪرڻ لاءِ رفته رفته قدم وڌائجي.

(٤) جيئن ته، عوام جي زبانن تي چڙهڻ ۽ مرغوب خاطر ٿي لکڻ جي محتاجي ڪانسواءِ، محفوظ رهڻ لاءِ، اسانجي ادب جو بنياد ڪانوڻي اسانجي ملڪ جي مروج خالص سنڌي راڳ سان ڳوڙهو تعلق رهيو آهي،

Gul Hayat Institute

تنهن ڪري اسانجي ادب جو اهو ڇولو خود ادب جو لازمي ڀاڱو بڻجي چڪو آهي، ۽ انکي ادب جي سنڀال ۽ واڌاري لاءِ، ڪتب آڻڻ گهرجي. مگر انهي ساڳي طرح ڪتب آڻجي، جيئن اسانجي د رويشن انکي بنياد ڪان ڪتب آندو آهي.

(٥) اسانجي بنيادي ادب جون ڪجهه اهڙيون خاصيتون آهن، جي انکي ممتاز ڪن ٿيون، ۽ اسانجي ادب جي بهترين خدمت اها آهي ته انهن وصفن کي نه فقط قائم رکجي پر اجاگر به ڪجي. مثلاً :-

اسانجو ادب هميشه زندگي جي هر شعبه تي حاوي رهيو آهي. ان ۾ اسانجي ملڪي مڪاني ماحول جو ذڪر چاه سان ٿيندو رهيو آهي. اسانجون پوکون، منڊون، ميوا وڻجه واپار جا طريقا، ڀيلا ۽ وڻڪار، مالدارن جي مال جا ڌڻ، هارين ڪڙمين ڪاسبين جا طور طريقا ۽ گذر بسر جا نمونا، نديون ۽ واهه ۽ انهن جا وهڪرا، جبل ۽ انهن جي پيداوار، مڪاني پکي ۽ جانور ۽ انهن جا طورطريقا ۽ انهن مان کهڙا فائدا ورتا وڃن ٿا وغيره اهي سڀ ڳالهيون اسانجي ادب ۾ سمايل آهن. اسانجون قديم بستيون ۽ انهن جا اهڙا احوال جي فقط مڪاني ماڻهن جي سينن ۾

سانديل آهن، اسانجون قومون ۽ قبيلا ۽ انهن جون روايتون، اسانجا قديم عوامي افسانا، اسانجا بزرگ، درويش ۽ فقير جن پنهنجون زندگيون، اسان ۾ نيڪ گڻن پيدا ڪرڻ ۾ صرف ڪيون، انهن جا احوال، گفتا ۽ ڪلام (ڏوهيڙا ۽ ڪافيون)، اهي سڀ اهڙيون ڳالهيون آهن، جنجي ورونهہ اسانجي ادبي مجلسن ۾ ٿيڻ گهرجي. انهن تي افسانا، ۽ نظم ۽ مقالا سليس ٻوليءَ ۾ بيان ڪيا وڃن ۽ لکي محفوظ ڪيا وڃن.

(٦) اسانجو اهو درويشاڻو ادب زندگيءَ جي هر شعبي تي حاوي هجڻ سان گڏ هڪ طرف فاحش نگاريءَ کان پاڪ رهندو آيو آهي، ۽ ٻئي طرف کان آن ۾ اهڙو انگ موجود رهندو آيو آهي جو للهيت ڏانهن رغبت ڏياري. ادب جا ڪهڙا به نوان نمونا اسين ڪٿي اختيار ڪريون، پر هر حالت ۾ انهن وصفن جو لحاظ رکي نئون ادب پيش ڪيو وڃي.

(٧) بزم جون شاخون ڌار ڌار ڳوٺڙن ۾ قائم ڪجن، جنجي معرفت فقره (٥) ۾ ڄاڻايل قسم جو مڪاني مواد گڏ ٿيندو رهي، ۽ ان سان گڏ عوام ۾ پنهنجي ادب لاءِ چاهہ هر هنڌ جاڳي.

Gul Hayat Institute

(٨) جيئن ته هن تحريڪ جو سرچشمو، حضرت مخدوم محمد زمان صاحب طالب المولىٰ، سجاده نشين درگاه سروري هالا جي ذات بابرڪات آهي، تنهن ڪري تحريڪ سندن ئي نالي سان منسوب رهندي ۽ پاڻ مرڪز خواه هر شاخ جا سرپرست ۽ مقتدي رهندا ۽ تحريڪ جي سموري ڪاروبار ۾ سندن قيادت لازمي طور تسليم ڪئي ويندي.

(٩) حضرت سرپرست سائين، هر شاخ لاءِ هڪ صدر ۽ هڪ سيڪريٽري نامزد ڪرڻ فرمائيندا. بزم جي هر شاخ جو ميڙ انجو صدر، مهيني ۾ هڪ دفعو ڪوٺائيندو. جيڪو به سنڌي ادب جو سڄڻ مٿين اصولن سان پاڻ کي پٻدل رکندو سو داخلا فارم تي صحيح ڪرڻ بعد، ان شاخ جو ميمبر ۽ تحريڪ جو "بزمي" سمجهيو ويندو. ميڙ ۾ مٿين متن پٺاندر شاخ جي صدر جي اهتمام هيٺ ادبي ورونهه ڪئي ويندي، ۽ جيڪو اهڙو ڪارگر مواد اڳي جو تيار ٿيل ڪتو ڪيو ويندو يا نئون پيش ڪيو ويندو، سو هر شاخ جو سيڪريٽري شاخ جي صدر معرفت لکمي مرڪز ڏانهن موڪليندو. جتي انکي مجموعي طرح سنواري صحيح ادبي شڪل ۾ شايع ڪرڻ جو بندوبست ڪيو ويندو ۽ اهو شاخ

جي هر "بزمي" تائين ۽ عوام جي ڇپائي جي مناسب
خرچ اندر فقط لاڳت جيتري رقم ۾ پهچايو ويندو.
هر بزمي لاءِ انجو خريد ڪرڻ لازمي ٿيندو. اها
رقم جنهنجي عيوض پڻ اوتري رقم جو هڪ ادبي
تحفو هر بزمي کي پهچندو رهندو، تنهن ڪانسواءِ
بزمي تي ٻيو ڪوبه مالي بار ڪونه آهي.

## "بزم طالب المولي" ۾ بزمي طور داخل ٿيڻ جو فارم

مون هيٺ صحيح ڪندڙ "بزم طالب المولي" جو
مقصد ۽ ڪم جو طريقو غور سان پڙهيو آهي يا پڙهائي
ٻڌو آهي. آءٌ ان سان بلڪل متفق آهيان ۽ سڀ اصول
مونکي قبول آهن. مونکي بزم جي شاخ ........
۾ بزمي طور داخل ڪرڻ ۾ اچي.

دستخط ......

(نوٽ: هي فارم هر داخل ٿيندڙ کي ٻن پرتن
۾ ڀرڻ گهرجي. هڪ پرت شاخ جي دفتر تي رهندو
۽ هڪ پرت شاخ، مرڪزي دفتر ڏانهن موڪليندي.)

نالو بزميءَ جو ...... والد جو نالو ........
ذات ...... رهڻ جو هنڌ ...... ڪرت ...... شاخ

Gul Hayat Institute

جنهن ۾ داخل ٿيو ...... شاعر هجڻ جي حالت ۾ تخلص ...... لکپڙه ڪرڻ جو پورو پتو ...... شاخ جي دفتر تي جريان نمبر .......... مرڪز جي دفتر تي جريان نمبر ......

هن تحريڪ ۾ اصولي طور جي ڳالهيون اختيار ڪيون ويون آهن سي غور طلب آهن. آهي تحريڪ جي ڇپيل داخلا فارم ۾ موجود آهن پر ان ۾ چند نڪتا اهڙا آهن جي هميشه بزمي سڄڻن کي زير نظر رهڻ گهرجن ۽ انهي ڪري انهن جي ڪجهه قدر وري به وضاحت ڪجي ٿي:

(الف) اسانجي بزم جو متو مختصر لفظن ۾ هن ريت مقرر ڪيو ويو آهي:

"هي سنڌي ادب جي سنڀال ۽ واڌاري لاءِ هڪ فقيرانه تحريڪ آهي."

متي جي لفظن تي غور ڪرڻ سان هيٺيون ڳالهيون واضح ٿينديون:

(١) ته هي "ادب" سان ئي تعلق رکندڙ تحريڪ آهي. يعني هڪ خالص "ادبي" تحريڪ آهي. زمانه جي سياست سان هن جو قطعا ڪو تعلق نه آهي. هر قسم جي مذهبي فرقه بندين کان به هي تحريڪ آجي آهي خواه آهي فرقه بنديون دنيا جي

مختلف مذهبن جي وچ ۾ هجن يا خود اسلام جا فرض ڪيل فرقا هجن.

اڳتي هلي لفظ "فقيرانه" هنگي پين ادبي تحريڪن کان به نمايان ڪريٿو. فقيرانه لفظ هڪ طرف "سادگي" جو ۽ عوام جي سمجهه اندر هجڻ جو پيغام ڏئي ٿو ته ٻئي طرف هر قسم جي جهيڙي جهڳڙي ۽ ڪج بحثي کان پرهيز ڪرڻ جي تلقين ڪريٿو ته ٽئي طرف نام و نمود ۽ شهرت جي تمنا کان بي نياز رهڻ سيکاريٿو ۽ چوٿين طرف پنهنجي خالص ادبيانه مشغله ۾ هڪ وانگر مست، محو ۽ مگن رهڻ ڏانهن اشارو ڪريٿو. هن ۾ جوش ۽ ولوله آهي مگر اخلاص ۽ عشق وارو. مختصر لفظن ۾ ته هن تحريڪ جو بزمي خالص ادبي عشق رکندڙ هجي. پنهنجي ادب کي انلاءِ چاهيندڙ هجي ته آهو اسانجي پنهنجي زندگي جو عڪس آهي. اسانجي ملڪ جي هن وقت جي ادبي ادارن کي عمومي طور هيٺين قسمن ۾ وراهي سگهجي ٿو:-

(ا) تجارتي ادارا-

ڪن ادارن ادب کي واپار جو ذريعو ڪري اختيار ڪيو آهي. هو ادب جو وآدارو ته ڪن ٿا پر

Gul Hayat Institute

آهي شيون بازار ۾ آڻين ٿا جنهن جا خريدار سولا لڀن ۽ اهي شيون به ايتري ۾ وڪڻن ٿا جيتري ۾ سندن دوڪانداري جي سرمايه ۾ سندن تمنائن پٽاندر اضافو ٿئي جو امڪان هجي. هنن مان ڪيترا اخبارون ۽ رسالا به هلائين ٿا پر هڪ واپاريءَ وانگر.

### (٢) مقدس ادارا.

ڪي ادارا پاڻ کي ۽ پنهنجي ٻولي کي عوام جي سطح کان هرو ڀرو بلند رکن ٿا، ادب ۽ فن جي هر هڪ ڳالهه کي هرو ڀرو ڇڪي تاڻي هڪ محدود دائره ۾ آڻي انجي جواز ۽ عدم جواز تي بحث ڪن ٿا ۽ انلاءِ فتوائون صادر ڪن ٿا. هنن بزرگن صدين تاءِ اسانکي پنهنجي ٻولي جي ادب کي هٿ لائڻ به نٿي ڏنو، ڇو انهي ڪري ته آهو عرب جي يا فارس جي پيداوار نه آهي جنهنڪري انکي ڪا تقديس حاصل نه آهي. هنن جو گمان هو ۽ اڄ به آهي ته اسانجي پنهنجي ادب جي رائج ٿيڻ سان عربي ۽ فارسي جي تحصيل ڪندڙن جو مان گهٽبو. مگر آءٌ انهن بزرگن کي عرض ڪندس ته هڪ فقير کي هر مقدس هستي جو احترام آهي ۽ انهي ڪري هن فقيرانه تحريڪ کي پنهنجو به عقيدتمند سمجهن. البت جيڪڏهن هڪ فقير

Gul Hayat Institute

ڪي پنهنجي گوڏڙي ۾ پياري لڳندي آهي ڇو ته اها ساڻس نباهي ٿي ۽ ته اسانجي ادب جا بعض اهڙا جزا جن اسان سان نباهيو آهي سي اسانکي پيارا آهن توڙي آهي پي طرح ڪتب اچڻ سان سندن نظر ۾ اعتراض جو ڳا ٿي پون ٿا مثلا راڳ ۽ ساز. يا مثلا درويش جي الفت - ڇوته هي هڪ تاريخي حقيقت آهي ته سنڌي ادب سنڌي درويشن هٿان ٿي پنهنجي ٻالڪپڻ ۾ پليو ۽ نپنيو ۽ هنن ان وقت هنکي پنهنجي جهوپڙي ۽ گودڙي ۾ سانڍيو جنهن مهل وقت جي حاڪمن لاءِ هي هڪ ڌارين شئي هجڻ سبب قابل اتفات نه هئي ۽ جنهن مهل مقدس هستين ڪي احترام ٿي فقط تڏهن ٿي مليو جڏهن هنن حاڪمن جي ٻولين جا جانا ٿي پريا ۽ انهن ٻولين ۾ پنهنجو ڪمال ٿي ڏيکاري سگهيا.

## (٣) ڪي ادارا رواجي مشاعرا ڪندڙ ادارا آهن

جيترو قدر عربي فارسي تي ڏهيل سنڌي شعر گوئي جو تعلق آهي ته اهڙا مشاعرا ڪندڙ ادارا فقط گذريل هڪ صدي جي ادبي جولانگاه جو هڪ يادگار آهن ۽ انهي جولانگاه جي زمين شروعات ۾ فارسي اديبن جي گرمي محفل جي منت پذير هئي ۽ بعد ۾ ان اردو جو تتبع اختيار ڪيو. هن ڳالهه ڪان بهرحال

Gul Hayat Institute

انڪار نہ ڪري سگھبو تہ اهي بئي زمينون اسان لاءِ سنگلاخ ۽ ڏاريون زمينون آهن. صحيح مذاق واري غزلگوئي جي افاديت کان انڪار ڪونهي، مگر ڏسڻ ۾ ايندو تہ ويجهڙائي ۾ غير جي تتبع سبب اسان غزلگوئي جي بہ فقط مذموم پهلوئن کي وڃي چنبڙيا آهيون ۽ جيڪي قابل تعريف پهلو ان ۾ اسان اختيار ڪيا آهن تن ۾ وري اسانجو پنهنجو سنڌي روح سراسر مفقود آهي. وري رواجي مشاعرن ڪندڙ ادارن جو زورئي رکيو وڃي انهي هڪ صنف تي ختم ٿئي ٿو. جيئن نظم گوئي جا پيا بہ ڪيترا نوان اسلوب مثلاً گيت، سانيٽ، آزاد نظم وغيره اسان اختيار ڪيا آهن مگر سمورو زور طبع انهن تي ئي صرف نٿا ڪريون تئن عربي عروض واري نظم گوئي يا غزلگوئي کي بہ پنهنجي وسيع ادب جو فقط هڪ صيغہ سمجهي ان کي انهي پٽاندر جاءِ ڏيون تہ ڪو اهم ڪونہ آهي. مگر ايترو عرض ڪندس تہ ان حالتہ بہ پنهنجو ملڪي ادبي روح برقرار رکون ۽ ان جي مد نظر ڪا جدت اختيار ڪري انهي صنف کي بہ پهرياءَ پنهنجو بنائي پوءِ استعمال ڪريون تہ ان مان اجنبيت نڪري ويندي ۽ اسانجي عام ادب جو هڪ سالم جزو بنجي پوندو.

## (۴) معاشره جي مادي اصلاح وارا ادارا

ڪجهه ادبي ادارا اهڙا به آهن جي پنهنجو توجه فقط معاشره جي چند مادي ڳالهين جي اصلاح ڏانهن مرڪوز رکن ٿا. اهي فقط "روٽي ۽ لنگوٽي" يا "سرمايه داري ۽ مزدوري" وغيره جي مسئلن جي چيڙ چاڙ ڪن ٿا ۽ بس. انهي اڪيلي مقصد هجڻ ڪري اهي ادارا فقط هڪ خاص قسم جي پروپگنڊا جا ادارا بنجي پيا آهن ۽ جيئن ته هنن جي توجه فقط مادي ذرايع ۽ وسائل طرف آهي. هنن بنيادي ۽ اصولي ديني ڳالهين کي به پنهنجي طنز ۽ مزاج جي لپيٽ ۾ آندو آهي ان پر ڪوشش ڪونهي ته ادب کي زندگي سان گهرو تعلق آهي ۽ انهي ڪري معاشره جي اصلاح اديب ۽ شاعر جي فرائض کان خارج نه آهي بلڪ آءٌ ته سمجهان ٿو ته اسانجي پنهنجي ادب جي باني ڪارن يعني صوفين ۽ درويشن اسانجي معاشره جي اصلاح کي مرڳو زياده اهميت ڏني آهي مگر هنن جو اصلاحي طريقو خود هڪ ديني طريقو هو جنهن ۾ حب وطن سان گڏ زهد، قناعت، ذڪر، فڪر، مجاهده، رياضت، استمداد ربي مطلب ته دعا ۽ دوا سڀ کي دخل هو. هنن قلب اجاريا ٿي ۽

Gul Hayat Institute

قلب جي صفائي جي ذريعہ نہ ري مظلومن ۾ ظالم جي مقابلہ جي طاقت ۽ ظالم جي پنهنجي اصلاح جو سامان پيدا ڪيو ٿي. هنن چورن ۽ لٽيرن کي بہ سنواري سوسائٽي جو ڪارگر جزو بنايو. هنن مالدارن کي اهڙو جهڪايو جي مال دولت کي هيچ سمجهي از خود ورهائي هٿ آجا ڪري آٿي ڪرڻا ٿيا. افسوس آهي جو هنن جي ڪم جي انهي پهلو کي نئين مغرب زده دوست جمود ۽ فاقہ جي تبليغ ٿا سمجهن ۽ اها ڳالهہ نظر انداز ڪيو ڇڏين. انهي اسانجي "فقيرانہ" ادبي تحريڪ بہ ساڳي ريت معاشره جي اصلاح کان غافل نہ رهندي پر هنجو ڪم ڪرڻ جو طريقو آهو ئي رهندو جو اسانجي بزرگن ۽ درويشن جو هو.

آءٌ سمجهان ٿو تہ مون تفصيل سان اج ڳالهہ جي اسانجي ملڪي ادبي ادارن جي مکيہ ٽِن قسمن کي واضح ڪيو آهي ۽ انهن جي ۽ هن فقيرانہ تحريڪ جي وچ ۾ جيڪي تفاوت جا پهلو آهن تن کي ڪوشش ڪري اهڙي طرح صاف ڪري ڏيکاريو آهي جو اسانجي ادبي سڄڻن کي هن تحريڪ ۾ حصہ وٺڻ يا نہ وٺڻ لاءِ صحيح فيصلہ ڪرڻ ۾ مدد ڪري. هر ڪنهن اديب سڄڻ کي اختيار آهي تہ پاڻ لاءِ

Gul Hayat Institute

ڪو به ادبي شغل جو نمونو منتخب ڪري جو ڪيس زياده ڪارگر نظر ايندو هجي پر هر حالت ۾ نيت خالص ادبي هجي ۽ بي ڪا به غرض و غايت يا نام و نمود جي تمنا انجي پويان نه هجي هن تحريڪ جو باقي فقط هڪ بحث طلب پهلو تشنه رهجي وڃي ٿو جنهنجي وضاحت ضروري سمجهان ٿو.

مون مٿي عرض ڪيو آهي ته فقيرانه تحريڪ جو اهو لازمي جزو آهي ته هر بزمي کي نام نمود ۽ شهرت جي تمنا کان بي نياز رهڻ گهرجي ۽ غير بزمين لاءِ به عرض ڪيو اٿم ته اخلاص کان ڪم وٺي پاڻ لاءِ ادبي ڪم جو ڪو به طريقه منتخب ڪن. ظاهر آهي ته هن تحريڪ ۾ اسين اخلاص کي تمام گهڻي اهميت ڏيون ٿا ان جي مقابله ۾ ظاهر طور هيٺيون ڳالهيون اخلاص جي منافي نظر اچن ٿيون:

(١) تحريڪ هڪ خاص شخصيت ڏانهن منسوب آهي.

(٢) تحريڪ جي ڪارڪردگي ڪن ڳالهين ۾ عام جمهوري نظام جي ڪارڪردگي کان هٽيل آهي جيئن ته شاخن جا صدر ۽ سيڪريٽري نامزد ڪيا وڃن ٿا ۽ عام ڪاروبار ۾ تحريڪ جي باني کي مقتدي تسليم ڪيو ويو آهي.

(٣) مرڪزي دفتر ڪنهن عام مشاورتي ڪميٽي تي نه، پر باني - تحريڪ جي هدايتن تي عمل پيرا ٿئي ٿو. انهن ٿن ڳالهين تي منهنجا غير بزمي سڄڻ جيڪڏهن انگشت نمائي ڪن ته بظاهر حق بجانب سمجهيا ويندا. مگر يقيناً جا تحريڪ خود سندس باني؏ اخلاص جي جذبه هيٺ قائم ڪئي آهي تنهنجو ڪوبه پهلو اخلاص جي منافي يا نام و نمود جي تمنا سان ملوث ٿي نٿو سگهي.

باني؏ جي نالي ڏانهن ڪنهن تحريڪ جو انتساب ڪا بدعت نه آهي. مشرق ۽ مغرب ۾ ڪيتريون ادبي تحريڪون به انهي اصول تي هليون آهن. حقيقت ۾ اهو انتساب خود تحريڪ تي هلندڙن لاءِ باني - تحريڪ جي خلوص جو يادگار ٿيندو. ساڳيءَ طرح جمهوري نظام کان انحراف هميشه لاءِ مقصود نه آهي. هيءَ تحريڪ جي تربيت واري زماني لاءِ هڪ لهڙوئي عارضي مرحلو آهي جهڙو پيٖن اهڙين نئين قسم جي تحريڪن کي رائج ڪرڻ لاءِ شروعات ۾ نه فقط مناسب بلڪ لازمي سمجهيو ويندو آهي جن سڄڻن تحريڪن جي تاريخن جو بغور مطالعو ڪيو آهي سي مون سان هن ڳالهه ۾ متفق ٿيندا ته هر

تحريڪ جي اوائلي دور ۾ اهڙو قدم احتياطاً ۽ ضرورتاً
کنيو ويندو آهي.

خدا شاهد آهي ته حضرت سرپرست سائين اهي
ڳالهيون پاڻ تي کهڙين مجبورين هيٺ هموار
ڪيون آهن، سندن ئي تمنا آهي ته اڳتي هلي جيتريقدر
بار مٿن گهٽ ٿي سگهي گهٽ ڪندو رهجي بشرطيڪ
تحريڪ پنهنجي صحيح منزل ڏانهن خود بخود هلڻ
جي قابل ٿي وڃي. مونکي اميد آهي ته سندن زير
هدايت رهي تحريڪ ۾ اهڙا دوست نمودار ٿيندا
رهندا جي تحريڪ جو روح ڪماحقہ پاڻ ۾ جذب
ڪري پين لاءِ مثال ٿيندا ۽ آخر اهڙو وقت ايندو
جو خالص جمهوري اصولن تي تحريڪ کي هلائڻ
اسان سڀني لاءِ انشاءالله ممڪن ٿي پوندو.

جولاءِ ١٩٥٦ع ۾ جيڪو سرڪيولر خط انوقت
تائين قائم ٿيل شاخن ڏانهن موڪليو ويو هو ان ۾
هيٺين بنيادي ڳالهين باهت رٿن ڏيڻ لاءِ عرض
ڪيل هو:

١- اسانجي جلسن لاءِ هڪ ادبي ترانو وضع
ڪيو وڃي.

٢- هڪ ادبي جهنڊو مقرر ڪيو وڃي.

Gul Hayat Institute

٣- ادبي والنٽيرن جو جٿو قائم ڪيو وڃي انهن لاءِ مخصوص نشان قائم ڪيو وڃي جو بئج تي لڳل هجي.

"ادبي ترانو"

١- ادبي ترانو ڪنهن به سڄڻ وٽان تجويز ٿي ڪونه پهتو. آخر حضرت سرپرست سائين پاڻ هڪ ادبي ترانو تاهڻ فرمايو ۽ انجي ڏنن به مقرر ڪرڻ فرمايائون. اهو ترانو هيٺ ڏجي ٿو:

لااله الاالله حق لااله الاالله

پاڪ ذات، ڪارساز، لاشريڪ بي نياز بادشاه

—*—

سيدالثقلين امامن جو امام

انتي هردم لک درود لک ۽ سلام

لطف انجو آهي هر خاص و عام

پيا آهيون اچي سيد جي سام

—*—

سنڌي سوڀهاري هجي شل نونهال

رهي مولا سدا هردم بحال

Gul Hayat Institute

يا الاهي ڪر پلائي ۽ ڪو پال
غير تني پروردگارا پائمال

—*—

سروري فقيرا جو جيڪو ڪاروان
مير مرسل آه ان جو پاسبان
رب سائين تون ئي آهين نگهبان
شل رکين محفوظ زير آسمان

—*—

اي جوانو خواب مان بيدار ٿيو
مرد غازي قوم لاءِ هوشيار ٿيو
دوستن جا هر گهڙي دلدار ٿيو
غيرجي لئه تيغ جوهردار ٿيو

—*—

ڪردگارا بزم هي زنده رهي
بزم هي زنده ۽ پاينده رهي
خاص سنڌيءَ جي نمائنده رهي
هر مسلمان لاءِ فرخنده رهي

ادبي جهنڊو

ادبي جهنڊي جي اختيار ڪرڻ لاءِ پڻ ڪنهن شاخ وڏان رت آيل ڪانه هئي، فقط ڪراچي جي

شاخ هڪ نمونو ٺاهي موڪليو هو جنهن ۾ سنڌ جي نقشي جو خاڪو ڏنل هو. جيئن ته جهنڊي جي لاءِ اهو نمونو مؤزون نه سمجهيو ويو تنهنڪري حضرت سرپرست سائين جي مشوري سان مرڪزي بزم جهنڊي جو هڪ نمونو پيش ڪيو، جنهن ۾ آسماني زمين تي وچ ۾ انهن پنهنجين نشانن مان ڪو به هڪ نشان رکيو ويو جي اسانجي بزم جي داخلا فارم تي ڊسمبر ١٩٥٦ع ۾ ڇپيا ويا هوا يعني ڪنول گل يا "ط" جو نشان. اهي ٻئي نمونا حضرت سرپرست سائين پسند ڪرڻ فرمايا ۽ ان موجب ٻه جهنڊا مرڪزي بزم جي پاران ٺهرايا ويا. جيئن ته اهي جهنڊا ٽڪر ۾ ٺهرايا ويا ۽ انهن تي ڪنول گل جي نشاني ٺاهي ڏيڻ جهڙو ڪاريگر بروقت هٿ اچي نه سگهيو تنهن ڪري في الحال اهي "ط" نشان جي نموني تي ٺهرايا ويا ۽ شاخ هالا جي پاران هالن ۾ فيبروري ١٩٥٧ع ۾ جيڪو جلسو ڪيو ويو هو ان ۾ هي جهنڊا استعمال ڪيا ويا. ساڳئي موقعي تي ڪنول گل جا ڪوٽ تي لڳائڻ جا ٻڪل خاص اهتمام سان حضرت سرپرست سائين پاڻ ڪراچي مان پنهنجي خرچ تي ٺهرائي گهرايا هوا جي پڻ انهي موقعي تي استعمال ڪيا ويا هوا.

Gul Hayat Institute

هاڻي هن ميڙ موقعي لاءِ ڪنول گل جي نشان مان جهنڊا ۽ بيرڪون ٺهرايا ويا آهن جي هن وقت اسانجي ڪانفرنس جي پنڊال کي ۽ هن بيٺڪ جي هال کي سينگاري رهيا آهن. جيڪڏهن اهي عام طور ادبي جهنڊو ڪري استعمال لاءِ پسند ڪيا وڃن ته هن ميڙ ۾ شريڪ ٿيندڙ شاخن جي پريزيڊنٽن کي عرض آهي ته انهن بيرڪن جو هڪ هڪ نمونو مرڪزي بزم جي دفتر مان وٺي پاڻ سان کڻي وڃن ۽ پنهنجي پنهنجي شاخ ۾ ان کي مروج ڪن.

ڪنول گل جو نشان ۽ "ط" جو نشان ڪهڙن سببن ڪري اختيار ڪيا ويا آهن اهي مختصر طور هن هيٺ بيان ڪجن ٿا ته اسانجي بزمي سڄڻن کي توڙي ٻين ادبي جماعتن کي روشن ٿئي ته انهن جو اختيار ڪرڻ ڇاجي ڪري مناسب آهي. قاعدو آهي ته هر هڪ جماعت يا ادارو ڪونه ڪو مخصوص شڪلي نشان (Emblem) يا اکري نشان (Monogram) اختيار ڪندو آهي جنهن مان مختصر طور انهي جماعت يا اداري جي سڃاڻپ ٿيندي آهي مثلاً حيدرآباد جي فقط هڪ ميڊيڪل ڪاليج جا لياقت ڪاليج جي نالي

سان مشهور آهي تنهن پڻ پنهنجي ڪاليج ۾ پڙهندڙن ۽ پاس ڪري نڪرندڙن لاءِ هڪ خاص رنگ نموني جي نيڪٽائي مقرر ڪئي آهي جنهن کي پنهنجو اهڃاڻ قرار ڏنو اٿن ۽ انڪانسواءِ هڪ خاص رنگ ۽ نشان وارو جهنڊو مقرر ڪيو اٿن جو پنهنجن جلسن ۽ راندين جي موقعن تي وچ ميدان ۾ کڙو ڪندا آهن. تازو مارچ ١٩٥٨ ۾ جڏهن اولهه پاڪستان جي گورنر صاحب انهي ڪاليج جي راندين ۽ کيل تماشي جي جلسن ۾ شرڪت ڪئي تڏهن پڻ اهو مخصوص جهنڊو هنن جلسي جي ميدان ۾ نصب ڪيو هو ۽ پنهنجي مخصوص نشاني نيڪٽاءِ گورنر صاحب کي تحفه طور پيش ڪئي هئي جا هنن جي همت افزائي لاءِ گورنر صاحب بروقت جلسي ۾ پنهنجي اگهوات پاتل نيڪٽاءِ لاهي اها خاص نيڪٽاءِ پاتي. هن واقعه مان ڏسڻ ۾ ايندو ته جماعت ۽ ادارن جا خاص مخصوص جهنڊا ۽ نشان سرڪاري نقط نگاه کان پڻ همت افزائي جي لائق آهن. ڪهڙو نه چڱو ٿئي جو اسانجا ادبي ادارا ۽ جماعتون هن ادبي جهنڊي کي پنهنجو ڪري سمجهن ۽ پنهنجن جلسن ۾ هنکي ان ڳالهه کي واضع ڪرڻ لاءِ استعمال ڪن ته اهي جلسا خالص ادبي جلسا آهن

جنهن جو سياست سان توڙي فرقه بندين سان ڪو به تعلق ڪونهي ۽ انهن جو مقصد فقط ادب جو واڌارو آهي.

جنهن ڳالهه جي واضح ڪرڻ لاءِ هي جهنڊو اختيار ڪيو ويو آهي.

## اسانجي اختيار ڪيل ادبي نشانن جي سمجهاڻي

١ - Emblem يعني شڪلي نشان طور "ڪنول گل" اختيار ڪيو ويو آهي. هي اسانجي ٻولي ۽ ادب جي قدامت ۽ گهرائيءَ جي مثال لاءِ شاهه لطيف جي هن بيت تان ورتو ويو آهي:-

ڪنول پاڙون پاتال ۾ ڀؤنر ڀري آڪاس
ٻنهين سندي ڳالهڙي رازق آندي راس
تنهن عشق کي شاباس جنهن محبتي ميڙيا

اسانجي ٻولي ۽ اسانجو ادب اهڙو قديم ۽ پاڙن ڪتل آهي جنهن کي صدين جا لوڏا ۽ قومن جي اچ وڃ آکيڙي نه سگهيا. انهي ڪري آهو هڪ ڪنول گل جي مثال آهي جنهنجا عاشق آهي ڀؤنر هوا جن آڪاس يعني عرش تاءِ پنهنجو پرواز پڄايو. ڪنول گل جي ڪتل ۽ مضبوط پاڙن وانگر اسانجو ادب قديم

هجڻ سان گڏ اهڙو ڪارائتو به آهي جو ڪڏهن پراڻو نٿو ٿئي. هر زماني لاءِ اُنھي پيغام آهي جيئن شاه صاحب فرمايو آهي:-

و در سو وهائي جو نئي پراڻو نہ ٿئي

اسانجي اصلي ادب ۾ للهيت ۽ روحانيت جو جزو به شامل آهي ۽ اهو جزو آهي جهنڪي قرآن پاڪ "شجره طيبه" يعني پاڪيزه وڻ سان مشابهت ڏني آهي:-

آلم تر ڪيف ضرب الله مثلاً ڪلمة طيبة ڪشجرة طيبه اصلها ثابت و فرعها في السماءِ - تؤتي اڪلها حين باذن ربها-

(سورة ابراهيم)

"ڇا اوهان نہ ڏٺو آهي تہ ڪهڙي ريت الله تعاليٰ سجائي، ثابت ۽ هميشه ڪتب ايندڙ ڳالهه جو مثال ڏنو آهي، تہ آها هڪ پاڪيزه وڻ جي مثل آهي جنهنجون پاڙون مضبوط ڪتل آهن ۽ انجون شاخون آسمان تاءِ بلند آهن ۽ اهو پنهنجي رب جي حڪم سان هر وقت ۽ هر گهڙي لذيذ ميوو پيش ڪريٿو."

٢- اسان پنهنجي اڪري نشان Monogram طور حرف "ط" اختيار ڪيو آهي. جنهن جو توجيه هنريت آهي:-

Gul Hayat Institute

١- اهو تحريڪ جي انتساب طالب المولى جو پهريون اکر آهي.

٢- ابجد جي حساب سان هنجو عدد ٩ آهي ۽ اسانجي داخلا فارم جا به ٩ فقرا آهن يعني ٩ نڪتا.

٣- ”ط“ اکر کي اها به برڪت حاصل آهي جو اهو خود قرآن شريف جي پڙهڪ جي نشانين مان هڪ نشاني آهي. رموز اوقاف القرآن موجب ”ط“ ”مطلق جو مخفف آهي ۽ آن مان مراد هي آهي ته ڳالهه ته پوري ٿي پر مطلب واضح ڪرڻ لاءِ قائل کي اڃان ڪجهه وڌيڪ چوڻو آهي.

(٣) ادبي والنٽيئرنه جو جتو پڻ هن دفعه هن ڪانفرنس جي موقعه تي قائم ڪيو ويو آهي ۽ انهن جي ٻانهن تي جيڪو بئج لڳايو ويو آهي آهو پڻ آسماني رنگ جو پٽو آهي جنهن تي پڻ وچ ۾ اڇو ڪنول گل ڏيکاريو ويو آهي.

اميد ته اهو پڻ اسانجي سڄڻن کي پسند ايندو ۽ اسانجي آئينده ادبي جلسن ۾ انهن کي اختيار ڪيو ويندو.

# مرڪزي لائبري

حضرت سرپرست سائين جي اها پڻ رٿ هئي ته شاخن جي وقت بوقت ٿيندڙ ميڙ لاءِ هالن ۾ هڪ مرڪزي لائبري قائم ڪئي وڃي جتي ڏار ڏار موقعن تي ڏار ڏار پاسي جي شاخن ڪي ڪنهن هڪ وقت تي گهرائي آنهن جا ميڙ اتي ڪيا وڃن. انهي رٿ ڪي عمل ۾ آڻڻ لاءِ ۴- فيبروري ۱۹۵ تي هالن ۾ مرڪزي لائبري جو افتتاح ڪيو ويو. انشاءالله اڳتي هلي انهي لائبري ۾ واڌارا سڌارا ڪري انکي باقاعده بزم جي شاخن جي ميڙن لاءِ استعمال ڪري سگهبو.

## چندہ جو دستور

ڪجهه شاخن اهو رايو ظاهر ڪيو هو ته هنن وٽ ماهوار چنده گڏ ڪرڻ جو دستور آهي اهو قائم رهڻ ڏجي يا نه. انلاءِ عرض آهي ته جيئن تحريڪ جي چيپل فارم ۾ چاڻايل آهي، خود تحريڪ جو ڪوبه مالي بار بزمين تي ڪونهي. مگر پنهنجي ڪاروبار لاءِ هر شاخ ان ڳالهه جي مختيار آهي ته ڪهڙو به سرشتو شاخ ۾ قائم رکي بشرطيڪ ائين ڪرڻ سان تحريڪ جو اصلي مقصد فوت نه ٿيندو هجي، يعني ته ماهوار چنده جي رقم ايتري نه هجي جا رواجي طرح

ان شاخ جي بزمين تي اهڙو بار ڌي پوي جو ڪين بزمي تي رهڻ ڪان مانع ٿئي ۽ تحريڪ جا همدرد ۽ صحيح خيال ۽ سالمراءِ جا سڄڻ فقط انهي هڪڙي سبب ڪري شاخ ڪان ڪناره ڪش ٿيڻ تي مجبور ٿين. آها ڳالهه ۽ شاخ جي بزمين جي انفرادي مالي حالت خيال ۾ رکي ڪنهن به شاخ جو صدر صاحب هن باري ۾ معقول نتيجي تي پهچي سگهي ٿو. ۽ پوءِ هو جيڪا رقم مناسب سمجهي سا بزمين جي عام مشوره سان ماهوار يا ساليانه مقرر ڪري سگهي ٿو. بهتر آهي ته ائين ڪرڻ بعد اهڙو اطلاع مرڪزي دفتر کي ڏنو وڃي ته ان شاخ ڪيترو ماهوار يا ساليانو چندو مقرر ڪيو آهي. جيئن اڳيئي عرض ڪيو ويو آهي، اهو ضروري نه آهي ته ڪو ماهوار ميڙ هر وڏي پيمانه تي سڏايو وڃي يا انهي ڪارائڻ پيارڻ تي فضول خرچ ڪيو وڃي. بلڪ ”فقيرانه“ تحريڪ سبب اڻلندو اهڙي نام نمود ۽ ظاهري نش فش کان پرهيز ڪرڻ لازمي آهي. رڳو جيڪڏهن هر شاخ جا پنج ڏهه اديب ۽ شاعر ۽ سگهڙ ماهوار پاڻ ۾ هڪ هنڌ گڏجي ويهي تحريڪ جي متي پٽاندر روح رهاڻ ڪندا، ۽ توڙي آهي ڪنهن ڪليل ميدان ۾ تڏي تي ويٺا هجن

Gul Hayat Institute

۽ فقط هڪ پاڻي جي صراحي هاڻ وٽ رکي ويهن ته، به تحريڪ جو ”فقيرانه“ ادبي مقصد حاصل ٿي سگهي ٿو. انهه هر مهيني ڏار ڏار سڄڻ ڪجهه نظم پڙهن، ڪجهه پراڻن شاعرن جون صوفيانه ڪافيون پڙهائين ۽ ڪجهه ڪنهن نه ڪنهن مڪاني موضوع تي هر دفعه هڪ مقاله لکي ويهي پڙهن ۽ پين مڪاني سڄڻن جي راءِ معلوم ڪرڻ بعد ان مقاله کي مڪمل ڪري قلمبند ڪن ته نهايت سٺو ادبي مواد هر مهيني هر شاخ ۾ تيار ٿيندو رهندو. آهو مرڪز ۾ اچڻ بعد ۽ شايع ٿيڻ بعد از خود سيني ادبي حلقن تاءِ ۽ عام خلق تاءِ پهچندو رهندو ۽ اهوئي مفيد سنڌي ادب جي سنڀال ۽ واڌاري جو ڪارڻ ٿيندو جو خود تحريڪ جو مول متو آهي.

ڊسمبر ١٩٥٦ واري سرڪيولر ليٽر ۾ جيڪي وڏيڪ ڳالهيون شاخن ڏانهن پنهنجي راءِ مرڪلڻ لاءِ لکيون ويون هيون ۽ جن بابت اڃان تاءِ ڪو قدم کڻي نه سگهيا آهيون سي هيٺئين موجب آهن:-

الف- ڪنهن مرڪزي هنڌ تي مثلاً حيدرآباد ۾ هڪ بزمي پريس قائم ڪرڻ.

ب- پريس قائم ڪرڻ بعد بزم جي ڪارروائين جي اشاعت لاءِ هڪ اخبار يا ماهوار رسالو جاري ڪرڻ.

ج- بزم جي پاران ڪتابي سلسلو جاري ڪرڻ.

د- بزم جي پاران هڪ مرڪزي سنڌي ڪتاب گهر (بوڪ ڊيپو) (Book Depot) قائم ڪرڻ.

انهن ڇئن ڳالهين تي اسانجو هي ميڙ مهرباني ڪري غور ڪرڻ فرمائي انهي ڪانسواء پيون به جيڪي رٿون شاخن کي نظر ۾ هجن جن موجب اسانجو ادبي ڪاروبار وڌيڪ سرجوشي سان هلي سگهي سي پڻ مهرباني ڪري غور هيٺ آنديون وڃن.

هن وقت بزم جون جيڪي به شاخون آهن تن جا نالا ۽ انهن جي صدر ۽ سيڪريٽرين جا نالا هن هيٺ درج ڪجن ٿا:-

Gul Hayat Institute

| نالو شاخ جو | ائڊريس | نالو صدر جو | نالو سيڪريٽري جو | ڪڏهن کان قائم ٿي |
| --- | --- | --- | --- | --- |
| مرڪزي دفتر | بنگلو نمبر ٣ سول لائينز حيدرآباد | فقير سرشار | راز بلڙائي | ١٣ نومبر ١٩٥٥ |
| پيرر ڪيل ريلائي | ڳوٺ پيرر ڪيل صديقي پوسٽ سڄارو وايا اسٽيشن پيارو ڳوٺ تعلقه دادو | پيرعلي محمدصاحب اظهر ريلائي | احمد خان آصف | ١٩ فيبروري ٥٦ |
| ٽنڊو رو | پوسٽ آفيس ٽنڊو رو تعلقه ساماڙو | سيد ثابت علي شاه لڪياري | جليل سروري | ١ جنوري ١٩٥٦ |
| مير پور بٺورو | پوسٽ بٺورو ضلع ٺٽو | فقيرخواجه محمدعيسىٰ مست سروري | ماستر عبدالله | ٢٩ جنوري ١٩٥٦ |
| ڪراچي | اصغر محل آتمارام پريتمداس روڊ بغدادي محله ڪراچي نمبر ٢ | مستري محمد جمن هالو | صوفي دوست محمد ساجد سرشاري | ١٢ مئي ١٩٥٦ |

Gul Hayat Institute

| نالوشاخ جو | ائڊريس | نالو صدر جو | نالو سيڪريٽري جو | ڪڏهن کان قائم ٿي |
|---|---|---|---|---|
| تاج پور | پوسٽ تاج پور تعلقه حيدرآباد | نواب حاجي شاهنواز خان لغاري | نواب حاجي قربان علي خان لغاري | ٢٠ نومبر ١٩٥٦ |
| ٽنڊو آدم | پوسٽ ٽنڊو آدم ضلع سانگهڙ | فقير غلام حسين ورياه | محمد شريف ورياه | ٢١ نومبر ١٩٥٦ |
| ٽنڊو الهيار | پوسٽ ٽنڊو الهيار ضلع حيدرآباد | حاجي محمد صادق | عبدالڪريم سغدي | ١٥ ڊسمبر ١٩٥٦ |
| چام صاحب | پوسٽ چام صاحب تلعقه نواب شاه | فقير غلام رسول وسترو | خليفه محمد عرس | ٢٧ جنوري ١٩٥٧ |
| ٽنڊو حيدر | پوسٽ ٽنڊو حيدر تعلقه حيدرآباد | فيض حيدري | ناز حيدري | ٢٠ جنوري ١٩٥٧ |
| سعيد آباد | پوسٽ سعيدآباد تعلقه هالا | حڪيم سيد احمد شاه همدم | حافظ غلام قادر صدائي | ١٤ اگسٽ ٥٧ |

Gul Hayat Institute

| نالو شاخ جو | ائڊريس | نالو صدر جو | نالو سيڪريٽري جو | ڪڏهن کان قائم ٿي |
|---|---|---|---|---|
| پنڌي | پوسٽ پنڌي تعلقہ روھڙي | عبدالنبي خان خاتم بلوچ | محمد صالح مجاهد سيال | جولاءِ ١٩٥٦ |
| ٽنڊو | پوسٽ ٽنڊو ضلع خود | حاجي علي محمد خالدي ائڊوڪيٽ | قاضي حاجي محمد وڪيل | اگسٽ ١٩٥٦ |
| ڍ گهڙي | پوسٽ ڍ گهڙي ضلع ٿرپارڪر | سيد فيض علي شاه جگر | — | ٣٠ اگسٽ ٥٦ |
| خيرپور ناٿن شاه | پوسٽ خيرپور ناٿن شاه تعلقہ ڪڪڙ | حڪيم محمد صادق عباسي | — | سيپٽمبر ١٩٥٦ |
| ڳوٺ پير بخش | ڳوٺ پير بخش اميرالبحر پوسٽ ڦلجي اسٽيشن تعلقہ دادو | الھنوازخان رڪٽائي | محمد سلطان جگر | سيپٽمبر ١٩٥٦ |
| قاضي احمد | پوسٽ قاضي احمد تعلقہ سڪرنڊ | رئيس علي نواز انڙ | دوست محمد انڙ | ١٨ نومبر ١٩٥٦ |

Gul Hayat Institute

| نالو شاخ جو | ائڊريس | نالو صدر جو | نالو سيڪريٽري جو | ڪڏهن کان قائم ٿي |
| --- | --- | --- | --- | --- |
| ٽرڙي جادو شهيد | وايا خيرپور ناٿن شاه ضلع دادو | حڪيم محمد صالح سومرو | نظام الدين عباسي | ٢٦ مئي ١٩٥٦ |
| ڪرم خان نظاماڻي | پوسٽ ڪرم خان نظاماڻي تعلقه هالا | غلام محمد خان نظاماڻي | دولهه فقير سروري | ٣١ مارچ ١٩٥٦ |
| ڪپرو | پوسٽ ڪپرو ضلع سانگهڙ | حڪيم حاجي محمد شريف | حاجي محمد قاسم | ١٤ فيبروري ٥٦ |
| سنڌڙي | ڳوٺ خانصاحب دين محمد جوڻيجو تعلقه ڪپرو | حبيب علي جوڻيجو سانگي | الهه بچايو غمگين | ٢٦ اپريل ١٩٥٦ |
| هالا | پوسٽ هالا ضلع حيدرآباد | امين محمد صاحب فهيم | غلام قادر خان حسرت نظاماڻي | ٢٨ جون ١٩٥٦ |
| بدين | پوسٽ بدين ضلع حيدرآباد | عبدالرحمان ثاقب سرشاري | محمد هاشم رنگريز | جولاءِ ١٩٥٦ |

| نالو شاخ جو | ائڊريس | نالو صدر جو | نالو سيڪريٽري جو | ڪڏهن کان قائم ٿي |
| --- | --- | --- | --- | --- |
| ڪاهي | پوسٽ ڪاهي تعلقہ ڪپرو ضلع سانگھڙ | حاجي محمد صالح مري | امير بخش مري | ١٥ جنوري ١٩٥٧ |
| ماتلي | پوسٽ ماتلي ضلع حيدرآباد | عبدالغفور چانڊيو ائڊووڪيٽ | سيد محسن شاه | ٢٥ اپريل ١٩٥٨ |
| بجياري شريف | ڳوٺ مولوي علي محمد مهيري تعلقہ گوني | مولوي محمدابراهيم انيس مهيري | مولوي آميد علي | ١١ اگسٽ ١٩٥٧ |
| قلعہ حيدرآباد | پوسٽ حيدرآباد | غلام رسول شاه سوز | امداد علي شاه | مارچ ١٩٥٨ |
| قنبر | پوسٽ قنبر ضلع لاڙڪاڻو | خير محمد خان سوز چچڙائي | — | مارچ ١٩٥٨ |
| درويش | پوسٽ درويش تعلقہ گھوڙا ٻاري ضلع ٺٽو | ربڏنو خان خشڪ | ناڏو خان نظر | مارچ ١٩٥٨ |
| نواب شاه | پوسٽ نواب شاه | امير بخش نظر سنڌي | — | مارچ ١٩٥٨ |

Gul Hayat Institute

# ڀل نامون

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
| --- | --- | --- | --- |
| ٢ | ١٢ | جي مد نظر ني | جي مد نظر |
| ٣ | ٢ | آڪٽونمبر | آڪٽوبر |
| ٤ | ١٤ | بنگلو سول لائينز | بنگلو نمبر٣ سول لائينز |
| ٦ | ٢ | ڇو | جو |
| ٦ | ١٣ | انگ | رنگ |
| ٧ | ٢٠ | چاه | چاھ |
| ١٠ | ٨ | سچڻ کي | سچڻ جي |
| ١١ | ١٠ | هڪ وانگر | هڪ رند وانگر |
| ١٣ | ١٨ | جولا نگاه | جولانگاه |
| ١٣ | ١٩ | جولا نگاه | جولانگاه |
| ١٥ | ١ | شاعره | مشاعره |
| ٢٣ | ١ | ميڙ موقع | ميڙ جي موقع |
| ٢٨ | ٦ | فيبروري ١٩٥ | فيبروري ١٩٥٧ع |
| ٣٣ | ٩ | امين محمد صاحب | مخدوم امين محمد صاحب |

Gul Hayat Institute